# ڪرسچين مسلمان ٿي ويو

(۽ ٻيون 14 مدني بهارون)




› آفيسر ڪيئن متاثر ٿيو؟.................... صـ 5

› اجتماع ۾ هلڻ وارن جو تعداد وڌي ويو... صـ 12

› ٻُرن عقيدن کان توبهه ڪئي .................. صـ 13

› خوش نصيب نوجوان .......................... صـ 15



پيشڪش: مجلس المدينة العلمية (دعوتِ اسلامی)
شعبۂ اصلاحی کتب

مكتبة المدينه

فيضانِ مدينه، محلّه سوداگران، پراڻي سبزي منڊي، باب المدينه، ڪراچي پاڪستان، فون: 4921389-95/412699 فيڪس: 4125858

Email:maktaba@dawateislami.net Website: www.dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

# ”فيضانِ عطار“ جي 9 اکرن جي نسبت سان هن رسالي کي پڙهڻ جون ”9 نيتون“

**فرمانِ مصطفیٰ** صَلَّى اللّٰه تعالىٰ عليه وآله وسلم : **نية المؤمن خير من عمله**
يعني مُسلمان جي نيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.“
**(المعجم الکبير للطبراني، الحديث 5942، ج 6،ص 185)**

**ٻہ مدني گل :**

(1) سٺي نيّت جي بغير ڪنهن بہ سٺي عمل جو ثواب ناهي ملندو.

www.dawateislami.net

(2) جيتريون سٺيون نيّتون وڌيڪ هونديون، اوترو ثواب بہ وڌيڪ ملندو .

﴿1﴾ هر ڀيري حمد ۽ ﴿2﴾ صلوٰة ۽ ﴿3﴾ تعوذ ۽ ﴿4﴾ تسميه سان آغاز ڪندس. (انهيءَ صفحي جي مٿي ڏنل بہ عربي عبارتون پڙهي وٺڻ سان چار نيتن تي عمل ٿي ويندو). ﴿5﴾ حتي الوسع هن جو باوضو ۽ ﴿6﴾ قبلي ڏانهن منهن ڪري مطالعو ڪندس﴿7﴾ جتي جتي ”الله“ جو پاڪ نالو ايندو اتي عَزَّوَجَلَّ ۽ ﴿8﴾ جتي جتي”سرڪار“ جو اسم مبارڪ ايندو اتي صَلَّى اللّٰه تعالىٰ عليه وآله وسلم پڙهندس ﴿9﴾ ٻين کي هي رسالو پڙهڻ جي ترغيب ڏياريندس.

# ڀريان هن کي پڙهي وٺو

شيخ طريقت امير اهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال **محمد الياس عطار قادري** **دامت برڪاتهم العاليه** پنهنجي رسالي ”**T.V** جون تباهه ڪاريون“ ۾ لکن ٿا: **فقير** سان فلمون ڊراما ڏسڻ وارن جي خدمت ۾ عبرت جي لاءِ هڪ حياسوز واقعو عرض ڪريان ٿو: مون کي مڪهءِ مڪرمه ۾ ڪنهن هڪ اجڙيل گهراڻي جي ڇوڪريءَ جو خط پڙهڻ لاءِ ڏنو، جنهن جو مضمون ڪجهه هن ريت هيو: اسان جي گهر ۾ **T.V.** اڳ ئي موجود هئي. اسان جي پيءُ جي هٿ ۾ ڪجهه پيسا اچي ويا ته ڊش اينٽينا به وٺي آيو. پوءِ اسين گهر ۾ ملڪي فلمن کان علاوه غير ملڪي فلمون به ڏسڻ لڳاسين. منهنجي اسڪول جي سهيليءَ مون کي هڪ ڏينهن چيو: فلاڻو ”چينل“ لڳائينديءَ ته سيڪس اپيل **(SEX APEAL)** منظرن جا مزا ماڻڻ لاءِ ملندا. هڪ ڀيرو جڏهن آءُ گهر ۾ اڪيلي هيس ته اهو ئي چينل هلايو. ”جنسيات“ جا مختلف منظر ڏسي ڪري آءُ جنسي خواهش جي سبب آپي مان نڪري ويس، بي تاب ٿي ڪري هڪدم گهر مان ٻاهر نڪتس، اتفاق سان هڪ ڪار ويجهو کان گذري رهي هئي جنهن کي هڪ نوجوان هلائي رهيو هو، ڪار ۾ ڪو ٻيو ڪونه هيو، مون ان کان لفٽ گهري، ان مون کي ويهاريو......ايتري تائين جو مون ان سان ”ڪارو منهن“ ڪري ورتو. منهنجي ڪنوارپ ختم ٿي ويئي. مون تي ڪارنهن جو ٽِڪو لڳي ويو، آءُ تباهه ٿي ويس! **مولانا صاحب! ٻڌايو ڏوهي ڪير؟**“ آءُ پاڻ يا منهنجو پيءُ، جنهن گهر ۾ ڀريان **T.V.** آندي ۽ پوءِ ڊش اينٽينا به آندي.

دل کے پھپھولے جل اٹھے سینے کے داغ سے
اِس گھر کو آگ لگ گئی گھر کے چراغ سے

**آهه!** ان طرح ته **T.V.** ۽ **V.C.R.** ۽ **internet** تي فلمون ۽ ڊراما ڏسڻ جي سبب روزانو نه ڄاڻ ڪيتريون عزّتون پائمال ٿينديون هونديون. نه ڄاڻ ڪيترائي نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون دنيا ۾ ئي برباد ٿيندا هوندا.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هن عبرتناڪ حڪايت مان معاشري جي بدحاليءَ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. واقعي هن وقت حالتون تمام تيزيءَ سان تباهيءَ جي طرف وڌي رهيون آهن. هڪ طرف بي عملي جي ٻوڏ تباهي مچائي رهي آهي ته ٻئي طرف بدعقيدگيءَ جي خوفناڪ طوفان جون تباهه ڪاريون بربادي جا ڀيانڪ منظر پيش ڪري رهيون آهن. جدت پسندي جون رنگينيون ۽ فريب ڪاريون مسلم

www.dawateislami.net

معاشري کي ٽي.وي، ڊش اينٽينا، ڪيبل نيٽ ورڪ، انٽرنيٽ جي ذريعي گهيري ڇڏيو آهي. تفريح ۽ عام معلومات جي نالي تي اهي شيون غلط استعمال جي ڪري بي حيائيءَ کي جنهن تيزيءَ سان وڌائي رهيون آهن، اهو ڪنهن کان ڳجهو ناهي.

**T.V.** تي اچڻ واري فحاشي ۽ عرياني سان ڀريل پروگرامز جي ذريعي معاشري جي اخلاقيات تباهه ۽ برباد ٿيندي ڏسي ڪري امير اهلسنّت **دامت برکاتھم العالیه** هن بي حيائيءَ جي ٻوڏ جي آڏو بند ٻڌڻ جي ڀرپور ڪوشش فرمائي. ان سلسلي ۾ باب الاسلام سنڌ سطح تي ٿيڻ واري سنّتن ڀرئي اجتماع ۾ پاڻ **دامت برکاتھم العالیه** "**T.V. جون تباهه ڪاريون**" تي ايمان افروز بيان فرمايو، جيڪو هڪ نجي **T.V.** چينل جي ذريعي دنيا جي **100** کان وڌيڪ ملڪن ۾ (بغير ڇهري جي رڳو آواز جي ذريعي) ٻڌو ويو. ان پُرتاثير بيان کي ٻُڌڻ کان پوءِ سوين گهرن مان **T.V.** ڪڍي وئي. ان کان علاوه رمضان المبارڪ **1426** ھ ۾ جڏهن شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت **دامت برکاتھم العالیه** جي رقت انگيز دعا **T.V.** تي (بغير ڇهري جي رڳو آواز جي ذريعي) هڪ ئي وقت دنيا جي تقريبًا **144** ملڪن ۾ ٻُڌائي وئي ته نه صرف پاڪستان بلڪ ٻين ملڪن کان به مدني بهارون موصول ٿيڻ شروع ٿي ويون. (تفصيل جي لاءِ مڪتبة المدينه جو شايع ڪيل رسالو "**T.V.** ۽ مووي" جو مطالعو فرمايو).

www.dawateislami.net

**الحمدللہ** عَزَّوَجَلَّ شيخ طريقت اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال **محمد الياس عطار قادري** **دامت برکاتھم العالیه** جي ذاتِ مبارڪ تي **الله** ۽ رسول عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو خاص ڪرم آهي. پاڻ **دامت برکاتھم العالیه** جي شخصيّت ۾ رب عَزَّوَجَلَّ اهڙي تاثير عطا فرمائي آهي جو ڪيترائي گناهگار رڳو سندن نوراني ڇهري ۽ سراپا سنّت جي پيڪر جي ديدار جي برڪت سان تائب ٿي ڪري نيڪين تي گامزن ٿي ويندا آهن،نيڪوڪارن جي رقت قلبي ۾ اضافو ٿيندو آهي. سندن جي صحبت اصلاح اعمال جو ذريعو بڻجندي آهي. جيئن ته هن پُرفتن دؤر ۾ جڏهن ميڊيا جي طرف ماڻهن جو لاڙو وڌندو ٿو وڃي ۽ گمراهه ڪندڙ عقائد ۽ اعمال سان ڀريل وي.سي.ڊيز جي ڀرمار آهي. تنهن ڪري نيڪيءَ جي دعوت کي عام ڪرڻ جي جذبي جي تحت مڪتبة المدينه پوين ڏينهن ۾ به وي.سي.ڊيز "**دعوتِ اسلامي جون جهلڪيون**" ۽ "**بين الاقوامي اجتماع** ۽ **اجتماعي اعتڪاف**" جي نالي سان جاري ڪيون. **الحمدللہ** عَزَّوَجَلَّ انهن جي رليز ٿيڻ جي ڪجهه ئي ڏينهن ۾ مدني بهارون موصول ٿيڻ شروع ٿي ويون جن مان **15** بهارون پيشِ خدمت آهن.

**مجلس المدينة العلميه** (دعوتِ اسلامي)

(سنڌي ترجمو) مجلسِ تراجم (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# درودِ پاڪ جي فضيلت

شيخِ طريقت،اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا اَبو بلال **محمد الياس عطار قادري** رضوي ضيائي دامت برڪاتهم العاليه پنهنجي رسالي "**ضياءِ درود و سلام**" ۾ نقل فرمائن ٿا ته سرڪارِ مدينه، سلطانِ باقرينه، قرارِ قلب و سينه، فيض گنجينه صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم جن جو فرمانِ برڪت نشان آهي:"مون تي درود شريف پڙهي ڪري پنهنجي مجلسن کي سينگاريو جو توهان جو درودِ پاڪ پڙهڻ قيامت جي ڏينهن توهان جي لاءِ نور هوندو."

(فردوس الاخبار، رقم الحديث 3148ج3ص417 طبعة دار الكتب العربي بيروت)

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالىٰ علىٰ محمد

## ﴿1﴾ ڪرسچين مسلمان ٿي ويو

**U.K** (انگليند) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي ته مان گهڻي عرصي کان هڪ ڪرسچين (يعني عيسائي) تي انفرادي ڪوشش ڪري رهيو هئس ته هو مسلمان ٿي وڃي پر مون کي ڪاميابي نه ملي رهي هئي. انهيءَ دؤران مڪتبة المدينه **بين الاقوامي اجتماع** ۾ **اجتماعي اعتڪاف** جي

V.C.D جاري ڪئي. اها V.C.D ان ڪرسچين کي تحفي طور ڏني. ان V.C.D کي پنهنجي گهر وارن کي گڏ ويهاري ڪري ڏٺي. هو V.C.D ڏسندو ويو ۽ اردو نه سمجهڻ جي باوجود رُڳو **بين الاقوامي اجتماع** ۽ **اجتماعي اعتڪاف** جا روح پرور منظر ڏسي ڪري ۽ **اميرِ اهلسنّت** دامت برڪاتهم العاليه جي ديدار جي برڪت سان ان جي دل ۾ اسلام جي محبت گهر ڪندي وئي. **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ آخرڪار هو ڪلمو پڙهي اسلام جي دائري ۾ داخل ٿي ويو ۽ **دعوتِ اسلامي** جي اجتماع ۾ به شريڪ ٿيڻ لڳو. مدني ماحول جي برڪت سان **سبز سبز عمامي شريف** سان ان جو مٿو سبز ٿي ويو. **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ هو **عاشقانِ رسول** سان گڏ راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ سفر ڪرڻ واري **مدني قافلي** جو مسافر به بڻيو.

www.dawateislami.net

الله كرم ايسا كرے تجھ پہ جہاں میں
اے دعوتِ اسلامی تیری دھوم مچی ہو

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالىٰ علىٰ محمد

## ﴿2﴾ آفيسر ڪيئن متاثر ٿيو....؟

**مرڪز الاولياء** لاهور (پاڪستان) جي رهواسي اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي ته مان پاڪستان ملٽري اڪاؤنٽس ڊپارٽمينٽ ۾ سورهين گريڊ جي عهدي تي ڪم ڪري رهيو آهيان. **رمضان المبارڪ** جي آمد تي مون پنهنجي ويهين

گريڊ جي آفيسر کي **دعوتِ اسلامي** جي تحت ٿيڻ واري **اجتماعي اعتڪاف** جي لاءِ موڪلن جي درخواست پيش ڪئي جيڪا ان رد ڪري ڇڏي. جيئن تہ آءُ شيخ طريقت، اميرِ اھلسنّت حضرت علامه مولانا ابو بلال **محمد الياس عطّار** قادري رضوي ضيائي دامت برکاتھم العاليه جو مريد آھيان. جن جو آستانو عاليہ ڪراچي ۾ آھي. تنھن ڪري مون کي باب المدينه جي ياد تڙپايو تہ مون رمضان المبارڪ جي آخري پنجن ڏينھن جي موڪلن واري درخواست پيش ڪري ڇڏي تہ مون کي باب المدينه (ڪراچي) وڃڻو آھي. اسان جو آفيسر انتھائي تنقيدي ذھن جو مالڪ ھيو. ان درخواست ڏسي ڪري تعجب مان پُڇيو: "ڪراچيءَ ۾ اھڙو ڇا آھي جو تون عيد جا ڏينھن گھروارن کان پري اتي گذارڻ چاھين ٿو؟" مون جان ڇڏائيندي ايترو چيو تہ واپس اچي ٻُڌائيندس.

جڏھن مان **باب المدينه** جون بھارون ماڻي واپس پھتس تہ مان پاڻ سان مڪتبة المدينه مان جاري ٿيڻ واري **بين الاقوامي اجتماع** ۽ **اجتماعي اعتڪاف** نالي ڪجھ وي سي ڊيز بہ وٺي آيس. انھن مان ھڪ V.C.D مون پنھنجي ان آفيسر کي بہ پيش ڪئي.ٻئي ڏينھن جڏھن مان آفيس پھتس تہ ان آفيسر مون کي پنھنجي ڪمري ۾ گھرايو ۽ پنھنجي سامھون واري ڪرسيءَ تي ويھڻ جو اشارو ڪيو. ان عزّت افزائيءَ تي مان تمام حيران ٿيس ڇوتہ عام طور تي ھو آفيس جي ماڻھن کي پنھنجي سامھون ويھارڻ پسند نہ

www.dawateislami.net

اها V.C.D مڪتبة المدينه جي ڪنهن به شاخ تان هديو ڏئي حاصل ڪري سگهجي ٿي.

ڪندو هو. بهرحال مان ڪرسيءَ تي ويهي رهيس. اڄ سندس انداز گهڻو نرم ۽ سنو هيو. ان تقريبًا 25 منٽن تائين مون کان **دعوتِ اسلاميءَ** جي باري ۾ سوال ڪيا جن جا مون پنهنجي معلومات جي مطابق جواب ڏنا ۽ ان کي **دعوتِ اسلامي** ۽ **اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليه جي عظيم ديني خدمتن جي باري ۾ ٻُڌايو. ان چيو، **مون اها V.C.D ڏٺي آهي، مان ڏاڍو متاثر ٿيو آهيان جو ايتري مختصر عرصي ۾ ايتريقدر ترقي، اها ڪا معمولي ڳالهه ناهي، دعوتِ اسلامي وارا واقعي تمام عظيم ڪم ڪري رهيا آهن.**” پوءِ ان انهيءَ وقت دعوتِ اسلامي جي **بين الاقوامي اجتماع** ۾ وڃڻ جي لاءِ منهنجون موڪلون به منظور ڪري ورتيون ۽ آفيس واري **مسجد** جون خدمتون به **اهلسنت** جي حوالي ڪيون.

دعوتِ اسلامی کی قیوم دونوں جہاں میں مچ جائے دُھوم
اس پہ فدا ہو بچہ بچہ یاالله میری جھولی بھردے

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالىٰ علىٰ محمد

## ﴿3﴾ مٿي تي عمامي جو تاج سجائي ورتو

**ساؤٿ ڪوريا** (south korea) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجهه هن طرح بيان آهي ته پهريان مان معلومات نه هجڻ

www.dawateislami.net

جي ڪري بدعقيده ماڻهن جي هڪ جماعت مان ڪافي متاثر ٿيس ۽ غلط فهميءَ جي ڪري انهن کي دينِ اسلام جا حقيقي خادم تصوّر ڪندو هيس. منهنجي **درست رهنمائيءَ** جي ترڪيب هن ريت بڻي جو ستاويهين رمضان **1428**ھ جو **فيضانِ مدينه** (ڪوريا) ۾ اجتماعي اعتڪاف جي دوران **بين الاقوامي اجتماع** ۽ **اجتماعي اعتڪاف** نالي **V.C.D** ڏيکاري وئي. جنهن ۾ مدينة الاولياء ملتان شريف ۾ ٿيڻ واري **دعوتِ اسلامي** جي **بين الاقوامي سنتن ڀريي اجتماع** ۽ دعوتِ اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه باب المدينه ڪراچي ۾ ٿيڻ واري **اجتماعي اعتڪاف** جون جهلڪيون پيش ڪيون ويون. ان **V.C.D** ۾ ڏيکاريا ويندڙ منظر ڏسي ڪري مان دنگ رهجي ويس جو **دعوتِ اسلامي** ئي اها تحريڪ آهي جيڪا عالمگير سطح تي **تبليغِ قرآن** ۽ **سنت** جي عظيم خدمت سرانجام ڏئي رهي آهي، ۽ **حج کان پوءِ مسلمانن جو سڀ کان وڏو اجتماع مدينة الاولياء ملتان** ۾ ٿيندو آهي. مان **دعوتِ اسلامي** جي مثالي ڪارڪردگيءَ کان بيحد متاثر ٿيس، **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ بدعقيده ماڻهن جي محبت دل مان نڪري وئي ۽ مان **سبز سبز عمامي شريف جو تاج پنهنجي مٿي تي سينگاري ورتو.**

مقبول جہاں بھر میں ہو دعوتِ اسلامی

صدقہ تجھے اے ربِ غفار مدینے کا

www.dawateislami.net

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالىٰ علىٰ محمد

# ﴿4﴾ گناهن کان توبهہ ڪئي

**مرڪز الاولياء** (لاهور) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي تہ **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ مون کي دعوتِ اسلامي جي بين الاقوامي اجتماع کان پوءِ هتوهٽ 12 ڏينهن جي **مدني قافلي** ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سفر جي سعادت حاصل ٿي. اسان جو مدني قافلو مرڪز الاولياء جي علائقي لياقت آباد ڪوٽ لکپت جي جامع مسجد غوثيه ۾ حاضر ٿيو. اتي منهنجي هڪ نوجوان اسلامي ڀاءَ سان ملاقات ٿي جنهن ڪجهہ هن ريت بيان ڪيو: "**بين الاقوامي اجتماع** کان پهريان مون پنهنجي علائقي ۾ ٿيڻ واري **V.C.D اجتماع** ۾ شرڪت ڪئي. **اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليه جي رقت انگيز دعاءِ رمضان ٻُڌي ڪري مان تمام گهڻو متاثر ٿيس ۽ **بين الاقوامي اجتماع** جا منظر ڏسي ڪري اجتماع ۾ شرڪت جو بہ ذهن بڻيو. **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ مان بين الاقوامي اجتماع ۾ شريڪ ٿيس. اتي **خوفِ خدا** عَزَّوَجَلَّ ۽ **عشقِ رسول** صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم کان پريل بيانات ٻُڌي ڪري مون کي **گناهن کان توبهہ** جي توفيق ملي ۽ مون **نمازن جي پابنديءَ** جي نيّت بہ ڪئي. جڏهن مان اجتماع ۾ شرڪت کان پوءِ گهر پهتس تہ نمازِ فجر ۾ اٿڻ جي لاءِ الارم لڳايو تہ منهنجي گهرواري چوڻ لڳي تہ ان شآءالله عَزَّوَجَلَّ مان بہ توهان سان گڏ سجاڳ ٿي

www.dawateislami.net

فجر جي نماز ادا ڪنديس. مون پنهنجي چهري تي پياري پياري سنّت **ڏاڙهي مبارڪ** بہ سينگاري ورتي. مان پنهنجي مرغيءَ جي دوڪان تي خريداري جي لاءِ اچڻ واري اسلامي ڀائرن تي بہ **انفرادي ڪوشش** ڪندو آهيان. **الحمدﷲ** عَزَّوَجَلَّ ان انفرادي ڪوشش جي برڪت سان بہ اسلامي ڀائر **مدني قافلي** ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪري چڪا آهن. منهنجي خوش نصيبيءَ جي معراج ڏسو جو مان **اللہ**عَزَّوَجَلَّ جي وليءِ **اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليه جي هٿان **عطاري** بہ ٻڻجي چڪو آهيان. ڪجهہ عرصي ڪان پوءِ منهنجي سؤٽ جي شادي آهي. منهنجي خواهش آهي تہ ان جي شاديءَ جي موقع تي V.C.D **اجتماع** جي ترڪيب ٻڻايان.”

www.dawateislami.net

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں
اے دعوتِ اسلامی تیری دھوم مچی ہو

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالىٰ علىٰ محمد

## ﴿5﴾ زارو قِطار روئڻ لڳا

**هند** (مدني) ڪابينہ جي نگران جو بيان ڪجهہ هن ريت آهي تہ “**بين الاقوامي اجتماع** ۽ **اجتماعي اعتڪاف**” نالي V.C.D ڪي پاڪستان سان گڏوگڏ هند ۾ بہ رليز ڪيو ويو ۽ هٿوهٿ V.C.D **اجتماعات** ڪيا ويا جن ۾ وڏي تعداد ۾ **اسلامي ڀائر** شريڪ ٿيا. جڏهن V.C.D ۾ **الوداع رمضان** جا رقت آميز منظر ڏيکاريا ويا تہ اجتماع ۾ شريڪ گهڻا

اسلامي ڀائر پنهنجي جذبات تي قابو نہ رکي سگهيا ۽ **زاروقطار روئڻ لڳا.** اسان محسوس ڪيو تہ انهن اجتماعات کان پوءِ اسلامي ڀائرن جي دعوتِ اسلامي سان **محبت ۾ اضافو** ٿي ويو آهي جنهن سان **مدني ڪمن** ڪي مديني جا 12 چنڊ لڳي ويا آهن.

نبی کی محبت میں رونے کا انداز

تم آجاؤ سکھلائے گا مدنی ماحول

صلوا علی الحبیب! صلی اللّٰہ تعالیٰ علیٰ محمد

## ﴿6﴾ نمازي بڻجي ويا

www.dawateislami.net

**هانگ ڪانگ** جي ذميدار اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي تہ جڏهن V.C.D "**بين الاقوامي اجتماع ۽ اجتماعي اعتڪاف**" باب المدينہ ڪراچي مان رليز ڪئي وئي تہ هانگ ڪانگ جي هفتيوار **سنتن ڀريي اجتماع** ۾ بہ ان جو اعلان ڪيو ويو اهڙيءَ طرح تقريبًا 30 **گهرانن** اها V.C.D انٽرنيٽ جي ذريعي دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ تي ڏٺي ۽ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ڪارڪردگي کان گهڻو متاثر ٿيا. ان V.C.D ڪي ڏسڻ کان پوءِ 12 **اسلامي ڀائرن نماز** پڙهڻ شروع ڪري ڇڏي ۽ **دعوتِ اسلامي** جي هفتيوار **سنتن ڀريي اجتماع** ۾ بہ پابنديءَ سان شريڪ ٿين لڳا.

الحمدلله عَزَّوَجَلَّ ڪيترائي اسلامي ڀائر مدني قافلي جا مسافر بہ بڻيا .

نمازیں جو پڑھتے نہیں ہیں ان کو لاریب
نمازی ہے دیتا بنا مدنی ماحول

صلوا علی الحبیب! صلی اللہ تعالیٰ علیٰ محمد

## ﴿7﴾ اجتماع ۾ هلڻ وارن جو تعداد وڌي ويو

مرڪز الاولياء (لاهور) جي ڏويزن نگاهِ مرشد جي هڪ اسلامي ڀاءَ جي بيان جو خلاصو آهي تہ **دعوتِ اسلامي** جي **بين الاقوامي سنتن ڀريئي اجتماع** (1428هہ) جي تاريخ جيئن جيئن ويجهو اچي رهي هئي منهنجي ڳڻتيءَ ۾ اضافو ٿيندو پيو وڃي. ملڪي حالتن جي پيشِ نظر مون کي خدشو هيو تہ شايد اسان جي ڏويزن مان هن دفعي بين الاقوامي اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ وارن جو تعداد ڪافي گهٽ هوندو. ايتري ۾ هيءَ خوشخبري ملي تہ مڪتبة المدينه **دعوتِ اسلامي جي بين الاقوامي سنتن ڀريئي اجتماع ۽ اجتماعي اعتڪاف** جي **V.C.D** رليز ڪري ڇڏي آهي. اسان هٿوهٿ **V.C.D اجتماع** جي ترڪيب بڻائي. **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ **V.C.D اجتماع** جي برڪت سان اسان جي ڏويزن مان پوئين سال جي مقابلي ۾ تقريبًا **500** وڌيڪ اسلامي ڀائرن ملتان جي **بين الاقوامي اجتماع** ۾ شرڪت ڪئي.

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں
اے دعوتِ اسلامی تیری دھوم مچی ہو

www.dawateislami.net

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالىٰ علىٰ محمد

# ﴿8﴾ برن عقيدن کان توبهہ ڪئي

**صوبي پنجاب** (پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجهہ هن طرح بيان آهي تہ بدعقيده ماڻهن ۾ اٿڻ ويهڻ جي ڪري مان عقائدِ اهلسنّت جي باري شڪوڪ و شبهات جو شڪار ٿي چڪو هيس. شڪوڪ و شبهات جا ڪڪر اهڙي طرح هٽي ويا جو رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي جي آمد هئي. ايتري ۾ سبز سبز عمامن جا تاج سجائڻ وارن ڪجهہ **اسلامي ڀائرن** مون تي **انفرادي ڪوشش** ڪئي ۽ مون کي **دعوتِ اسلامي جي اجتماعي اعتڪاف** ۾ شرڪت جي دعوت پيش ڪئي. انهن جي خلوص کي ڏسندي مون حامي ڀري ورتي ۽ اعتڪاف ۾ ويهڻ جي لاءِ گلزارِ حبيب (سرگودا) حاضر ٿيس. اعتڪاف جي دؤران بحث مباحثي جي ذريعي معتڪفين کي پريشان ڪندو رهيس. رمضان المبارڪ جڏهن ٻن ڏينهن جو مهمان رهجي ويو، ۽ اسلامي ڀائرن مون کي حضرتِ علامه مولانا ابو بلال **محمد الياس عطار قادري** دامت برڪاتهم العاليه جي **الوداع رمضان** ۽ **بين الاقوامي اجتماع** واري **V.C.D** ڏيکاري. جڏهن مون **الوداع رمضان** جا رقت انگيز منظر ڏٺا تہ منهنجي دل جي دنيا بدلجي وئي ۽ مون سچيءَ دل سان سڀني گناهن ۽ بُرن

www.dawateislami.net

عقيدن کان **توبهہ** ڪئي ۽ **امير اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليه جي دامن سان وابستہ ٿي **عطاري** بڻجي ويس .

يقيناً مقدر کا وہ ہے سکندر
خیر سے جسے مل گیا مدنی ماحول

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالىٰ علىٰ محمد

## ﴿9﴾ مدني قافلہ ڪورس جي لاءِ تيار ٿي ويا

**ڊيرا اسماعيل خان** (سرحد) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجهہ هن طرح بيان آهي: مدرسة المدينه مڙيالي ۾ **اجتماعي اعتڪاف** جي دؤران **V.C.D اجتماع** ڪيو ويو. **بين الاقوامي اجتماع** ۽ **اجتماعي اعتڪاف** جا ايمان افروز منظر ڏسي ڪري تمام شرڪاء ڏاڍو متاثر ٿيا. **الوداع رمضان** جا رقت انگيز منظر ڏسي ڪري روئڻ لڳا. **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ اجتماع جي آخر ۾ ڪيترن ئي اسلامي ڀائرن پنهنجي مٿي تي **عمامو شريف** سينگاريو، ڏاڙهي شريف بہ چهرن تي سجائڻ جون نيّتون ڪيون. ڪيترائي اسلامي ڀائر **مدني قافلہ ڪورس** جي لاءِ بہ تيار ٿي ويا. ڪجهہ اسلامي ڀائرن تي تہ اهڙي رقت طاري ٿي وئي جو انهن اها رات عبادت ۾ گذاري. **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ گهڻن اسلامي ڀائرن عيد جي ڏينهن عاشقانِ رسول سان گڏ **مدني قافلن** ۾ سفر اختيار ڪيو.

www.dawateislami.net

مقبول جہاں بھر میں ہو دعوتِ اسلامی
صدقہ تجھے اے رب غفار مدینے کا

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالىٰ علىٰ محمد

# ﴿10﴾ خوش نصيب نوجوان

**صوبي پنجاب** (پاڪستان) جي شهر شيخوپوره جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي ته اسان جي شهر ۾ **V.C.D اجتماع** جي ترڪيب ٺاهي وئي،جنهن ۾ گهڻا اسلامي ڀائر شريڪ ٿيا. انهن شرڪاء ۾ هڪ اهڙا نوجوان به موجود هئا جيڪي فيشن جا شوقين ۽ انتهائي ماڊرن هئا. **V.C.D** ڏسي ڪري انهن جي دل ۾ **مدني انقلاب** برپا ٿي ويو. اهڙيءَ طرح انهن اڳين گناهن کان توبهه ڪئي ۽ **دعوتِ اسلامي** جي هفتيوار **سنتن ڀريئي اجتماع** ۾ پابنديءَ سان شريڪ ٿيڻ لڳا. ڪجهه ئي عرصي ۾ انهن جي چهرن تي سنّت جي مطابق **ڏاڙهي مبارڪ** ڏسڻ ۾ آئي ۽ مٿن تي **سبز عمامي شريف** جا تاج به سينگارجي ويا. **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ اڄ اهي ٻئي اسلامي ڀائر عاشقانِ رسول سان گڏ **نيڪيءَ جي دعوت** جون ڌومون مچائڻ ۾ مصروف آهن.

اسی ماحول نے ادنیٰ کو اعلیٰ کر دیا دیکھو
اندھیرا ہی اندھیرا تھا اُجالا کر دیا دیکھو

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالىٰ علىٰ محمد

www.dawateislami.net

# ﴿11﴾ اکين مان ڳوڙها وهي آيا

**مرڪز الاولياء** لاهور (پاڪستان) جي هڪ علائقي جلوموڙ (مغل پوره) ۾ ٿيڻ واري **اجتماعي اعتڪاف** ۾ جڏهن **V.C.D اجتماع** ڪيو ويو تہ ان ۾ ڏيکاري ويندڙ **اجتماعي اعتڪاف** جا پُربهار منظر ۽ **الوداع رمضان** جو پُرسوز انداز ڏسي ڪري اسلامي ڀائرن جي اکين مان ڳوڙها جاري ٿي ويا. جڏهن **V.C.D** اجتماع ختم ٿيو تہ ڪيترن ئي اسلامي ڀائرن هٿوهٿ **سبز سبز عمامي شريف** سان پنهنجا مٿا سبز ڪري ورتا ۽ **ڏاڙهي** رکڻ جي نيّت بہ ڪري ورتي.

دعوتِ اسلامی کی قیوم دونوں جہاں میں مچ جائے دُھوم
اس پہ فدا ہو بچہ بچہ یااللہ میری جھولی بھردے
دعوتِ اسلامی کی قیوم دونوں جہاں میں مچ جائے دُھوم
اس پہ فدا ہو بچہ بچہ یااللہ میری جھولی بھردے

www.dawateislami.net

صلوا علی الحبيب! صلی اللہ تعالیٰ علیٰ محمد

# ﴿12﴾ اجتماع ۾ شريڪ ٿي ويا

**هڪ** اسلامي ڀاءُ جو ڪجهہ هن طرح بيان آهي تہ مان گهٽڻ ڏينهن کان هڪ شخصيت تي **انفرادي ڪوشش** ڪري رهيو هيس پر هو غلط فهمين جي ڪري مون کان مختلف سوال ڪندو هو جن جا جواب ڏيڻ جي مان ڪوشش ڪندو

هئس پر هو مطمئن نہ ٿيندو هو. انهن ڏينهن ۾ مکتبة المدينه **بين الاقوامي اجتماع** ۽ **اجتماعي سنتِ اعتکاف** جي **V.C.D** جاري کئي. مون اها **V.C.D** ان شخص کي ڏسڻ جي لاءِ ڏني. مان حيران آهيان تہ جنهن کي ڏکهي عرصي جي باوجود مان مطمئن نہ کري سگهيس اهو **V.C.D** ڏسي کري ايترو متاثر ٿيو جو نہ رُڳو **اجتماع** ۾ شريڪ ٿيو بلڪ **سبز سبز عمامي شريف** جو تاج بہ پنهنجي مٿي تي سينگاري ورتو.

تم دعوتِ اسلامی کو جانتے ہو کیا ہے

فیضانِ مدینہ ہے فیضانِ مدینہ ہے

www.dawateislami.net

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالىٰ علىٰ محمد

## ﴿13﴾ سِيٽ کينسل کرائي ڇڏي

**صوبي پنجاب** (پاکستان) جي هک اسلامي ڀاءَ جي بيان جو خلاصو آهي تہ اسان جي علائقي جي هک اسلامي ڀاءَ جي ٻاهرين ملک وڃڻ جي سِيٽ بُک ٿي چکي هئي. ان دؤران ان علائقي ۾ ٿيڻ واري **V.C.D اجتماع** ۾ شرکت کئي. **الحمدلله** عزوجل ان **V.C.D** کي ڏسي کري ان کي دعوتِ اسلامي جي **بين الاقوامي سنتن ڀرئي اجتماع** ۾ شرکت جو اهڙو شوق ۽ جذبو مليو جو ان پنهنجي سِيٽ کينسل کرائي ڇڏي ۽ **بين الاقوامي اجتماع** ۾ وڃڻ جي لاءِ

پنهنجو ڪرايو هتوهت ذميدارن کي جمع ڪرائي ڇڏيو ۽ **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ اجتماع ۾ شريڪ ٿيو.

بری صحبتوں سے کنارہ کشی کر — اور اچھوں کے پاس آکے پا مدنی ماحول
تمہیں لطف آجائیگا زندگی کا — قریب آکے دیکھو ذرا مدنی ماحول

صلوا على الحبيب! — صلى الله تعالىٰ علىٰ محمد

## ﴿14﴾ مدني ماحول سان وابسته ٿي ويس

**صوبي پنجاب** (پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي ته مان معاشري جو بگڙيل نوجوان هيس ۽ ڏينهوڏينهن گناهن جي ذبڻ ۾ لهندو پئي ويس. منهنجي اصلاح جي صورت هن ريت بڻي جو اسان جي علائقي ۾ **دعوتِ اسلامي** جي ذميدارن **V.C.D اجتماع** جي ترڪيب بڻائي. مان ان V.C.D اجتماع ۾ شريڪ ٿيس. جڏهن مان **دعوتِ اسلامي** جي **بين الاقوامي سنتن ڀريي اجتماع** جا روح پرور منظر ڏنا ته ڏاڍو متاثر ٿيس ۽ جڏهن ستاويهين رمضان جي رات واري **اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليه جي رقت انگيز بيان جو ڪجهه حصو ٻُڌو ته مون کي پنهنجي گذريل زندگيءَ جي انداز کان وحشت محسوس ٿيڻ لڳي، جيئن جيئن بيان ٻُڌندو رهيس منهنجي دل جي دنيا بدلجي وئي. آخرڪار مون پنهنجي سيني **گناهن کان توبه** ڪئي ۽ **دعوتِ اسلامي** جي **مدني ماحول** سان وابسته ٿي ويس. هن وقت مان پنهنجي حلقي ۾

www.dawateislami.net

ذيلي مشاورت جي نگران جي حيثيت سان **نيڪيءَ جي دعوت** جون ڌومون مچائڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهيان.

عطائے حبیبِ خدا مدنی ماحول ہے فیضانِ غوث و رضا مدنی ماحول
سلامت رہے یا خدا مدنی ماحول بچے نظرِ بد سے سدا مدنی ماحول
سنور جائیگی آخرت ان شاءاللہ
تم اپنائے رکھو سدا مدنی ماحول

صلوا علی الحبیب! صلی اللہ تعالیٰ علیٰ محمد

## ﴿15﴾ مسجد ٺهرائڻ جي نيت ڪري ڇڏي

**مرڪز الاولياء** لاهور (پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي ته علائقي سبزه زار جي هڪ ميدان ۾ **V.C.D اجتماع** منعقد ڪيو ويو. **الوداع رمضان** جا پُرسوز منظر ڏسي ڪري شرڪاءِ اجتماع روئڻ لڳا. جڏهن اجتماع پُڄاڻيءَ تي پهتو ته **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ محلي وارا ايترا متاثر ٿي چُڪا هئا جو انهن ان ميدان جي ويجهو **مسجد ٺهرائڻ جو اعلان** ڪري ڇڏيو.

www.dawateislami.net

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں
اے دعوتِ اسلامی تیری دھوم مچی ہو

صلوا علی الحبیب! صلی اللہ تعالیٰ علیٰ محمد

# ايمان جي حفاظت

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** الحمدلله عزوجل اسان مسلمان آهيون ۽ هڪ مسلمان جي لاءِ ان جو سڀ کان قيمتي سرمايو ان جو ايمان آهي.ان جي حفاظت جو فڪر اسان کي دنياوي شين کان گهڻو وڌيڪ هجڻ گهرجي. امامِ اهلسنّت، عظيم البرڪت، مجددِ دين و ملت اعليٰ حضرت الشاهه امام احمد رضا خان عليه رحمة الرحمٰن جن جو ارشاد آهي:علماءِ ڪرام فرمائن ٿا، جنهن کي (زندگيءَ ۾) ايمان کسجڻ جو خوف ناهي هوندو، سڪرات جي وقت ان جو ايمان کسجي وڃڻ جو شديد خطرو آهي. **(الملفوظ حصو4 ص 390 حامد اينڊ ڪمپني مرڪز الاولياء لاهور)**

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** نيڪ عملن تي استقامت کان علاوه ايمان جي حفاظت جو هڪ ذريعو ڪنهن "**مرشدِ ڪامل**" جو مريد ٿيڻ به آهي.

**بيعت جو ثبوت** : الله عزوجل قرآن پاڪ ۾ ارشاد فرمائي ٿو .

www.dawateislami.net

يَوۡمَ نَدۡعُو كُلَّ اُنَاسٍۭ بِاِمَامِهِمۡ

(پ ۱۵ ، بنی اسرائیل : ۷۱)

**ترجمو ڪنز الايمان** : جنهن ڏينهن اسان هر جماعت کي ان جي امام سان گڏ گهرائينداسين .

**تفسير نورالعرفان** ۾ حڪيم الامت مفتي احمد يار خان نعيمي عليه رحمة الله الغني هن آيتِ مبارڪ جي تحت لکن ٿا:"هن مان معلوم ٿيو ته دنيا ۾ ڪنهن صالح کي پنهنجو امام بڻائڻ گهرجي. شريعت ۾"**تقليد**" (يعني پيروي) ڪري، ۽ طريقت ۾"**بيعت**" ڪري (يعني مريد ٿئي) ، ته جيئن حشر چڱن سان گڏ ٿئي. جيڪڏهن صالح امام نه هوندو ته ان جو امام شيطان هوندو. هن آيت ۾ **تقليد**، **بيعت** ۽ مُريدي سڀ جو ثبوت آهي."

**پيارا اسلامي ڀائرو!** ياد رکو! ڪنهن کي بہ پنهنجو مرشد بڻائڻ جي لاءِ چئن شرطن جو لحاظ انتهائي ضروري آهي. جيئن تہ امامِ اهلسنّت، عظيم البرڪت، مجددِ دين و ملت اعليٰ حضرت الشاهہ مولانا احمد رضا خان عليه رحمة الرحمٰن فتاويٰ رضويه جلد 21 صفحي 603 تي مرشد جا شرط ڪجهہ هن ريت تحرير فرمائن ٿا:

(1) صحيح العقيده سنّي هجي. (2) ايترو علم رکندو هجي جو پنهنجي ضرورت جا مسئلا ڪتابن مان ڪڍي سگهي. (3) فاسقِ معلن نہ هجي (هڪ ڀيرو گناهِ ڪبيره ڪرڻ وارو يا گناهِ صغيره تي اصرار ڪرڻ وارو يعني ٽي يا ان کان وڌيڪ ڀيرا ڪرڻ وارو يا صغيره کي صغيره سمجهي هڪ ڀيرو ڪرڻ وارو فاسق هوندو آهي ۽ جيڪڏهن علي الاعلان ڪري تہ فاسقِ معلن آهي.) (4) ان جي بيعت جو سلسلو نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تائين ڳنڍيل (يعني مليل) هجي.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اڄ جي پُرفتن دؤر ۾ پيري مُريدي جو سلسلو وسيع تر ضرور آهي، پر جامع شرائط پير جيڪڏهن ناياب ناهن تہ ڪم ياب ضرور آهن. پر اهو **الله تعاليٰ** جو خاص ڪرم آهي! جو اهو هر دؤر ۾ پنهنجي پياري محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي امت جي اصلاح جي لاءِ پنهنجي اولياءِ ڪرام رحمهم الله کي پيدا فرمائيندو آهي. جيڪي پنهنجي مومنانہ حڪمت ۽ فراست جي ذريعي ماڻهن ۾ **پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش** جو مقدس جذبو بيدار ڪرڻ جي ڪوشش فرمائيندا آهن. جنهن جو هڪ مثال قرآن ۽ سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جو مدني ماحول اسان جي سامهون آهي. جنهن جا امير، بانيءِ دعوتِ اسلامي، اميرِ اهلسنّت ابوبلال حضرت علامه مولانا **محمد الياس عطار قادري رضوي** دامت برڪاتهم العاليه آهن، جن جي نگاهِ ولايت لکين مسلمانن بلخصوص نوجوانن جي زندگين ۾ مدني انقلاب برپا ڪري ڇڏيو .

www.dawateislami.net

پاڻ دامت برکاتهم العاليه قطبِ مدينه خليفهءِ اعليٰ حضرت، حضرتِ سيّدُنا ضياءُ الدين مدني رَحْمَۃُاللہِ تعالیٰ عَلَیْہِ جا مريد ۽ مفتيءِ اعظم پاڪستان حضرت مفتي وقارالدين قادري رَحْمَۃُاللہِ تعالیٰ عَلَیْہِ جا خليفه آهن. (ڪين شارح بخاري فقيه اعظم هند **مفتي شريف الحق** امجدي رَحْمَۃُاللہِ تعالیٰ عَلَیْہِ سلاسلِ اربعه قادريه، چشتيه، نقشبنديه ۽ سهروردیه جي خلافت ۽ ڪتب و احاديث وغيره جي اجازت به عطا فرمائي، **جانشينِ سيّدي قطبِ مدينه** حضرت مولانا فضل الرحمٰن صاحب اشرفي رَحْمَۃُاللہِ تعالیٰ عَلَیْہِ به پنهنجي خلافت ۽ حاصل ٿيل سنَدُن ۽ اجازتن سان نوازيو آهي. دنياءِ اسلام جي ٻين به ڪيترن ئي اڪابر علماء ۽ مشائخ کان به ڪين **خلافت** حاصل آهي.)

**امير اهلسنت** دامت برکاتهم العاليه سلسلهءِ عاليه قادريه رضويه ۾ مُريد ڪندا آهن ۽ قادري سلسلي جي عظمت جي ته ڇا ڳالهه ڪجي، جو ان جي عظيم پيشوا حضور سيّدُنا غوث الاعظم رَحْمَۃُاللہِ تعالیٰ عَلَیْہِ قيامت تائين جي لاءِ (خدا عَزَّوَجَلَّ جي فضل سان) پنهنجي مُريدن جي توبه تي مرڻ جا ضامن آهن. (بهجة الاسرار ص 191 مطبوعه دارالكتب العلميه بيروت)

www.dawateislami.net

**مدني مشورو** : جيڪو ڪنهن جو مُريد نه ٿيو هجي ان جي خدمت ۾ مدني مشوروآهي! ته هن زماني جي سلسلهءِ عاليه قادريه رضويه جي عظيم بزرگ شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت دامت برکاتهم العاليه جي ذاتِ مبارڪ کي غنيمت سمجهي ڪري بنا ڪنهن دير جي سندن جو مُريد ٿي وڃي. يقينًا مُريد ٿيڻ ۾ نقصان جو ڪو پهلو ئي نه آهي، ٻنهي جهانن ۾ ان شآءالله عَزَّوَجَلَّ فائدو ئي فائدو آهي.

**شيطاني رڪاوٽ**: پر هيءَ ڳالهه ذهن ۾ رهي! ته جيئن ته اميرِاهلسنّت دامت برکاتهم العاليه جي ذريعي حضور غوثِ پاڪ رضی اللہ تعالیٰ عنہ جو مُريد ٿيڻ ۾ ايمان جو تحفظ، مرڻ کان پهريان توبه جي توفيق، جهنّم کان آزادي ۽ جنّت ۾ داخلا جهڙا عظيم فائدا متوقع آهن. تنهن ڪري شيطان توهان کي مُريد ٿيڻ کان روڪڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندو. **توهان** جي دل ۾ خيال ايندو، مان ٿورو ماءُ پيءُ کان پُڇي وٺان، دوستن کان به مشورو وٺان، ٿورو نماز جو پابند ٿي وڃان، هينئر

جلدي کهڙي آهي، ٿورو مُريد بڻجڻ جي قابل ته ٿي وڃان. پوءِ مُريد به بڻجي ويندس. منهنجا پيارا اسلامي ڀاءُ! ڪٿي قابل بڻجڻ جي انتظار ۾ موت نه اچي سنڀالي، **تنهن ڪري مُريد بڻجڻ ۾ دير نه ڪرڻ گهرجي.**

**شجرهءِ عطاريه** : الحمدلله عَزَّوَجَلَّ امير اهلسنّت دامت برکاتهم العاليه تمام پيارو "شجرو شريف" به مرتب فرمايو آهي. جنهن ۾ گناهن کان بچڻ جي لاءِ ڪم رندجي وجي ته ان وقت، ۽ روزيءَ ۾ برڪت جي لاءِ ڇا ڇا پڙهڻ گهرجي، ۽ پڻ جادو ٽوڻي کان حفاظت جي لاءِ ڇا ڇا ڪرڻ گهرجي، ان طرح جا ٻيا به "وضائف" لکيل آهن.**ان** شجري کي صرف اهي ئي پڙهي سگهن ٿا، جيڪي **اميرِ اهلسنت** دامت برکاتهم العاليه جي ذريعي قادري رضوي عطاري سلسلي ۾ مُريد يا طالب ٿيندا آهن.انهن کان علاوه ڪنهن ٻئي کي پڙهڻ جي اجازت ناهي. تنهن ڪري پنهنجي گهر جي هڪ هڪ فرد بلڪ هڪ ڏينهن جو ٻار به هجي ته ان کي به سرڪارِ غوثِ اعظم رضي الله تعالیٰ عنه جي سلسلي ۾ مُريد ڪرائي **قادري رضوي عطاري** بڻائي ڇڏيو. **بلڪ** امت جي خير خواهيءَ جي پيشِ نظر، جتي توهان پاڻ **اميرِ اهلسنت** دامت برکاتهم العاليه جو مُريد ٿيڻ پسند فرمايو اتي انفرادي ڪوشش جي ذريعي پنهنجي عزيز ۽ قريب ۽ گهروارن، دوست احباب ۽ ٻين مسلمانن کي به ترغيب ڏياري ڪري مُريد ڪرائي ڇڏيو.

www.dawateislami.net

# مريد بڻجڻ جو طريقو

**ڪيترائي** اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون، هن ڳالهه جو اظهار ڪندا رهندا آهن! ته اسان **اميرِ اهلسنت** دامت برکاتهم العاليه جو مُريد يا طالب ٿيڻ ٿا چاهيون. پر طريقيڪار معلوم ناهي، ته جيڪڏهن توهان مُريد بڻجڻ ٿا چاهيو ته پنهنجو ۽ جن کي **مريد يا طالب** بڻائڻ ٿا چاهيو ته انهن جو نالو هڪ صفحي تي ترتيبوار ولديت ۽ عمر سميت لکي ڪري **عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه محله سوداگران پراڻي**

**سبزي منڊي ڪراچي"مڪتب مجلس مڪتوبات و تعويذاتِ عطاريہ"** جي پتي تي روانو فرمائي ڇڏيو، تہ ان **شَآءَاللّٰه** عَزَّوَجَلَّ انهن کي بہ سلسلهٔ **قادريہ رضويہ عطاريہ** ۾ داخل ڪيو ويندو. ان جي لاءِ نالي لکڻ جو طريقو بہ سمجهي ڇڏيو.

**مثال طور:** ڇوڪري هجي تہ ميمونہ بنتِ علي اڪبر عمر اٽڪل ٽي مهينا ۽ ڇوڪرو هجي تہ محمد امين بن محمد اڪرم عمر اٽڪل ست سال، پنهنجو مڪمل پتو لکڻ هرگز نہ وساريو. (پتو انگريزي جي وڏن اکرن ۾ لکو) جيڪڏهن چاهيو تہ E-mail بہ ڪري سگهو ٿا.

E-Mail: attar@dawateislami.net

www.dawateislami.net

## ” قادري عطاري “ يا ” قادريہ عطاريہ “ بڻائڻ جي لاءِ

﴿1﴾ نالو ۽ پتو بال پين سان ۽ بلڪل صاف لکو، غير مشهور نالو يا لفظن تي لازمي طور اعراب لڳايو. جيڪڏهن سيني نالن جي لاءِ هڪ ئي پتو ڪافي هجي تہ ٻيو پتو لکڻ جي ضرورت ناهي . ﴿2﴾ ايڊريس ۾ مَحرم يا سرپرست جو نالو ضرور لکو. ﴿3﴾ الڳ الڳ مڪتوبات گهرائڻ جي لاءِ جوابي لفافو ساڻ ضرور موڪليو.

| نمبر شمار | نالو | مرد/ عورت | بن/بنت | پيءُ جو نالو | عمر | مڪمل ايڊريس |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | | |
| | | | | | | |
| | | | | | | |
| | | | | | | |
| | | | | | | |
| | | | | | | |
| | | | | | | |
| | | | | | | |
| | | | | | | |
| | | | | | | |
| | | | | | | |
| | | | | | | |
| | | | | | | |
| | | | | | | |
| | | | | | | |

www.dawateislami.net

**مدني مشورو:** هن فارم کي محفوظ ڪري ڇڏيو ، ۽ ان جون وڌيڪ ڪاپيون ڪرائي رکو.